پشپ مالها: ڀاڱو ۸



واسواڻي

۱۵---- رپيا

وشيہ سوچي

آ

اوندهه اَندر ٻراڻ ٻتي ١
آيا آهيون ٻري ٻري ڪان ١٠
اَڄي رات اڪيلون تين تيون ته آليون ٢٣
اَچي جن جاڳايو، ڪاري ويا سي وير ٢٤
آج سي اَچن ٿا، فرشتا نچن ٿا ٣٨
اَڄ رات گوڙيون ته گڏجي اَچو ٣٩
آج ڀڄاريا ٻوٽم لعل لالا ٤١
اُٿ جاڳ، وڻجارا ٤٩
اَول سڀاڳي صورت پنهنجي ٥٢
آهيان آن ڪير؟ پڇو مون کان ڇو اَء پيارا؟ ٥٥
آن گولي تون ساجن سائين ٥٧
اَڱڻ اسان جي آج اَچي تو ٦٥
اَء هڏسا ڇب وارا! ٻري ڪين آهين ٦٦

ٻوڙ ٻٽا ٽون جوت نواسي ٣١
ٻهڻجو ٻاڻ نہ مون وساريو ٤٥
ٻاڻ ۾ ڳولي ٻس ٽون ٻاڻ ٥١
ٻياس ٻڙٻو جي، ٻيري چرنا ٻاڻون ٥٦
ٻسي ٻيار ٽن جو نيڻ وهائين نير ١١٧
ٻڙٻوءِ جي ٽي چرڻن سڄو سک آهي ١١٨

ڀ

ڀڙيان گهاگهر گرن جي گوالڻ ٽي ٣٥

ت

تنهنجي چرڻ ڪمل تي آنءُ چاڪر ٦
تيري ڪمل چرڻ ميري مٿرا ڪاهي ٤٣
تو در سڄڻا! آهه آزي آزي ٦٠
تنبوري جي تار تي ڳايان تنهنجو پيار ٦
تنبوري جي تند تار تي ڳائي راجهائي ٧٨
تو در منگتا لک هزارن ١٠٣
تنهنجي قدمن جي گوپي آهه بيني ڪماري ١٢٦
تنبورو طلب جو مان تولئہ ٿيان ١٣٠
تون ٺاڪر، مان در جي داسي ١٣٦

ج / جه

جهولي جهلي آئم تو در حبيبان ٩
جمنا نديءَ جي ڪناري ڪناري ١٧

اَچي ڪير ٻيو اَڄ آهي ڏينهن جهڙالو ۷۳

آهيان تنهنجي پريم جي پياسي ۷۴

آنءُ وساريان تون نه وسار ۸۵

اَٿم پياس پريتم! رهان تنهنجي پاس ۹۶

اَڄ رات سرتيون سا آهه نياري ۱۰۱

اَٿم آس تو لاءِ اَچي تون نهار ۱۰۸

اَٿيئي سڀ خاڪ، اَءِ خاڪي! ۱۰۹

آڌيءَ رات آيو، پريتم پڌاريو ۱۱۲

اَکيون عجيبن جون راليان رئاڙن ۱۱۶

آليون اکيون ٽيون توکي نهارن ۱۲۸

آهيان گولي ٻانهي رکه نا حساب ۱۳۳

اَچو هاڻي اَچو هاڻي منهنجا پيارا وطن واسي! ۱۳۵

ب

بار بار ڪرون بينتي ۱۱

بيٺو نهاري، بيٺو پڪاري ۱۴

ڀ

ڀيڙي منهنجي ته آهي پراڻي ۲۷

ڀيڙيءَ وارا، مون نه وسارج ۸۴

پ

پياس اَٿم تو وٽ اَچان ۵

پالج زندگي اَءِ پروردگار ۱۳

ڏ

ڏس درد دل جو تون درشن ڏي ۲۰
ڏينهن رات، ڏينهن رات، پنڌڙا ڪري ۷۲
ڏوهه نه توکي ڏيان، راڻا! ۱۰۰

س

سدا شل سائين، تون ڇڙان وهارين ۲۱
سڪ سوز سڏڪا منهنجو گيت آهه ۳۲
سڪ ساگر ۾ آڪي ۵۹
سرتيون! هتي ڪٿي ٽوسان؟ ۷۱
سڀ تارا روز پيا نه چمڪن ۹۱
سڄڻ پيارا، اڪ ڦرب ڪهاڻي ۹۵
سکيون بين بجائو، بين بجائو ۱۲۲

ش

شرط تنهنجي آئم ورتي ۴
شيام پيارا، نينهن نيارا ۱۶
شڪرانا شاهه، آءٌ تنهنجا ۱۸

ر

رکي در تي ٺوڪر نه موڪل ڏجانءِ ۳
رحم ڪر رام! ٿيون تون ٻار ۸
رام نام ڪا يه ميلا ميلا ۲۹
روئي روئي رات گذاريم ۵۸

جاڳو جاڳو، موري پياري جاڳو ٥٣
جاڳو جاڳو، جوت جڳايو ٨٣
جاڳي جاڳي راتيان مئو رام ريجهايان ٨٦
جڳ سارا آنا جانا ٩٤
جوڳي ويھي جان م ١١٤
جيو ديا جي جوت جڳايو ١٢٣

ڇ

ڇلي پيو ھي چڪر جڳ جو ٩٨

خ

خادم آھيان بي خبر ١٠٥

د

ڏيک نہ دلبر ميڏا قصورا ٣٦
دلبر! درد تنھنجي، ڪئي دل ديواني ٤٦
دين ديالو، سد ڪرپالو ٤٧
ديا ڪر اچي ڪول دسمي دنار ٥٤
داڙي ڪري ديواني، پنھل پيچ پائو ٧٩
ديد پئي درويش دي مک ہر ٨٧
دک درد جو آيو ڪاھي ٩٩
ڏيک نہ موري اوگڻ پياري ١٠٤
درد تنھنجي دل کي دلبر ١١١

گ

گلي گلي آ! گوڪل ۾	۲۲
گهٽ گهٽ ٻيٽو ٻڌڪي آيو ٻيهي	۲۵
گناهن جي ڳنڍڙي تون منهنجي جلاءِ	۵۰
گوڏيو ڏيالو ڪريان آرتي	۹۰
گوڏيو چوڻ اکر اِڪ اُچاريان	۱۱۵

ل

لوڪ چون آهيان ٻوري ٻوري	۴۰
لطف ۾ يار لنگهائج راتڙا، پيڙيءَ وارا!	۶۲

م

مون گهر ڏيئڙا وسامي ويا	۲
مون گهر، مون گهر، سنت اچن	۷
منهنجي اکين ۾ نه محبوب چمڪين تون	۳۰
مينهن وسن، ٻجليون ٻرن	۴۲
ميري آهيان، مُورک آهيان	۶۱
منا، ڏس تون اندر جي اکيو	۸۰
منا، کول پنهنجي دل جي دري	۱۰۶
منهنجي اکين ۾ نه، محبوب! چمڪين تون	۱۱۹
مون گهر ايندو نوتم ناٿ!	۱۲۱
منا مارو ڪٽي موني	۱۲۵

رام نام ست جدان کا بیڑي ٧٠
ربابي اَء راجن! تيان تنهنجي دربار ٨٢
راجا رام تہ آہو آہو ١٢٠
رگھوپتي راگھو راجا رام ١٢٧
ف
فکر اَٿم اَندر ۾ لڳو اَٿم فراق ٣٧
فقيران موج ۾ گم ٿي، ٿيا مستان، ٿيا مستان ٩٣
ڪ
ڪر معاف تون منهنجون مدايون ٣٣
ڪئسي ڪرون موري ڪنئيا، تيري پُوجا ٤٤
ڪري اَحسان اَچ مون تي ٦٣
ڪرشن ڪوئي تو گوالين کي ١٢٤
ع
عمر ياد اَچن ٿا وري اَج اَباڻا ٨١
عجب تماشا و ڪيا و ڪيا ٨٨
عجب تنهنجو نام آهہ ١١٠
عدل ڪرين تو قتل ٿيوان ١٣٤
ک
کٿي نينڊ نيارا، نگر ڏي نهاريان ١١٣
کلن ٿا در ديا جا هاڻ ١٢٩
کٿي پيھ پيارا، نئون سال آيو ١٣١



سرڳواسي شري رامچند نارائڻداس واسواڻي

ن

نديءَ جي هن پار 19

نئون سال آئو، اچي شل نهارڻ 97

و

وڏو تنهنجو پاڻي 36

وڻي واٽن لي لوکي ڳوليان 76

وَر وَر وڇوڙي تنهنجي آهيان آنءَ نہ ساري 89

وري اَچ عشق اَو ڪاري 132

هه

هرگز نہ لائق تنهنجي سنگ جي 12

هيءَ گهڙي آهي هيءَ ويلا 28

همت ڏي هٿن ۾ اکين سين نهار 34

هيري جڙيا جنم اَمولڪ 48

هي باغ نہ تنهنجو، تون مالهي لاثاني 64

هي دل تخت، هي روحاني تخت 67

هن پار، هن پار، جمنا ڪناري 68

هلهو واٽن، حسن وارا، ڪهڙي راه 77

هي جڳ مانجهاندي جو ماڳ 107

ارپن پٽر

هي ننڍڙو پستڪ ” پشپ مالها “ مان **سرڳواسي شري رامچند نارائڻ داس واسوائيءَ** جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪريان ٿو.

شري رامچند جي پوتر ياد ۾ سندس ڌرم پتنيءَ، مسز گوپي بائي، سندس بالڪن موهن، ايشور، راجن ۽ ڪمار ۽ سندس پوٽن گوتم ۽ روشن هن پستڪ جي ڇپائڻ ۾ سهائتا ڪئي آهي.

شري رامچند جو جنم ۱ جولاءِ ۱۹۰۸ تي ٿيو ۽ سندس ديهانت ٦٨ ورهين جي ڄمار ۾ ١٦ مارچ ١٩٧٦ع تي ٿيو.

شري رامچند جي دل اندر سنتن ستپرشن لاءِ شردا هئي ۽ دکين غريبن لاءِ همدردي هئي. ڀاري جي دل اندر پياس هئي ته ستسنگ ۾ پياري دادا، ساڌو واسوائيءَ جا جيڪي گيت ڳايا وڃن، تا سي جيڪر هڪ پستڪ ۾ ڪٺا ڪري ڇپايا وڃن ۽ اهڙا پستڪ ستسنگ ۾ رکيا وڃن ته سنگت به گيتن ڳائڻ ۾ شامل ٿي سگهي.

ٻه اکر

سنڌ مالا جو هي خاص نمبر چنن مهڻ جو
نمبر ۱۹۸۴ کان فيبروري ۱۹۸۵ تائين ٽيپ مالها؛ ٻاگو
هيئڙو پرڪاش ٿئي ٿو.

ڪيتري وقت کان ڪيترن ٻاٻون ٻچون ٽئي گهر
ڪئي نه ستسنگ ۾ جيڪي پياري دادا جا گيت ڳايا
ڏنا سي جيڪر هڪ پستڪ ۾ ڇپايا وڃن. ان
ولا سان هي خاص نمبر ڪڍيو ويو آهي جنهن ۾
ط اهي گيت ورتا ويا آهن جي ستسنگ ۾ ڳايا ويندا

پيارو دادا اڪ ٽيپ مالها جي نمبر ۾ لکيو
طرح :- " وقت ا. وقت جن مونکي شبد ٽئي آيا
تن مون ٿئي ڳايا آهن. ۽ اهي ڪن وائي لکيا
ن. سڌي صدق ۽ ڀڪتي کان سواءِ هي پستڪ
لي نه سگهي ها. ڪٿان ٿا اچن؟ مالڪ جي مهر
ار مان. ۽ سالين جو پيار اڪٽ آهي.

ڀرڀوءَ جي ڪرپا ۾ ۽ دادا، ساڌو واسواڻيءَ جي مهر سان اهڙو پستڪ "پشپ مالها" تيار ٿيو آهي. پياري جي ڌرمپتنيءَ ۽ ٻالڪن جي پياس آهي ته ان پستڪ جون ڪي ڪاپيون ستسنگ ۾ رکيون وڃن! شل پيارن جي پياس تي ايشور جي آسيس چمڪي!

ڀاڙو مٺري رامچند جت ٻـ، هجي اُتان ٻڌهجي ڪٽنب واسين ۽ اسان سڀن کي آسيس ڪري ته اسين به سمجهون هيءَ هڪ ڳالهه جا پياري دادا وري وري سيکاري :-

ڌن سمپد پت ناري،
سڀ فاني ڪر تون جان!
نوري گوبند گاءِ سدا،
سڀ دودن کي مزمان!

پوُنا داس

١٣ - ٥ - ٨٦

ڪل ڏيءُ شبد مالا، ننڍين ننڍڙن ٻچڙن جي مالها ٻاٻوءَ جي ڪمل چرڻن ۾ قبول ٿئي! ۽ ڪل هن سڀ مالها جو پيغام وڏاڪ وڏاڪ دلين اندر وڃي ۽ ٿئين جيون لاءِ!

ڪهڙو نه مٺو پيغام آهي سڀ مالها ۾ جو پيارو دادا ٿئي ٿو پنهنجي ٻالڪيءَ دلارن! ڪاش، مان اڪاش هجان نه توهان کي چئو چئي ٿڪارڻ نه پيارا دادا ڪئن ٻالڪي اُڌاريندا هئا! اوچتو سڀڻن اکيون ٻُوٽي ويٺيون هيون، آڳر آڳر تي لڳنديون هيون، ۽ اِن سُر ۾، جنهن ۾ سمايل هو عجيبن جو اسرار، جو سُر هو يا انهد شبد جو آواز هو، اُن سُر ۾ پياري دادا جي مک مان ٻالڪي ايندي هئي. ڪنهن نه گهڻا پٺيان گيت ايندو هو. سُرن ۾ سُور هوندو هون: اوچتو ڏاڍا ٻڙهي ويندي هئي ۽ سڀڻن مک مان ٻالڪي ايندي هئي.

هن داس جو نه سو ڀاڳ، هو ڪن موقعن تي منڊي جي چرڻن ۾ ويٺو جو ۽ اِن ٻالڪي ٻڌڻ جو! لالچي نه هئي ڪنهن: هو نالائق تي پنهنجي مهر جي نظر ڪري چرڻن ۾ وهاريندا هئا ۽ وڏي ٻالڪي اُڌاريندا هئا!

هن داس جي دل اندر پڪاريندا آهي نه ڪل هن

ڪيترن شهرن ۾ سنڌين جي مهما آهي. مولڪي کو سکيا آهي ته سڀني سنڌين جي ڪمل چوڻن ۾ سر جهڪاء!

اڪ جوس جاڳي ٿي سنڌين ۾،
اڪ ديا چمڪي ٿرمن ۾!
لوري لماڻي ٻال ٻاسي،
سنڌين تر جي دم دم داسي!

سڀني ۾ اڪ واسداو ٿو وسي. گروداو جي اها سکيا مون کي ملي آهي. اها سکيا سڀوءِ ٻشم ماڻها ۾ آهي. هل انهيءِ سکيا جي ساکي مدهجي جمون ۾ چمڪي!

گرنم آيڪا، اڪ اڪ ۾ جولي،
سنم آيڪا، ڪن تهجي آرلي!
ٿرم آيڪا، سڀن تهر تدهجي:
ملڪ آيڪا، سڀن مهر تدهجي!
سڀ جهد ڪوني، آنيڪ آهن تارا،
سڀن ۾ دمو آهن، اڪ اون ٻمارا!
اڪ ٻولم ٿهاري، سڳل ڌاري،
اڪ ٻاجهه تدهجي، مدهجي جمون تاري!
ٿيهن راس راڌا! واڻي ٻڪاري،
لوري لماڻي ڪٺي نيرط نهاري!

آرتي

اونده اندر ٻارڻ ٻتي! آچي ٻاڻ تون ڪٽڻ
ڀهر ۾ مشڪين!
مٿي سونهن واري سانتيڪي اپ ۾، سڀ چنڊ
تارن، ڪٿن ٻيو ٿو چمڪين!

جيه جيه جيه، جڳديش هري!

ڪٽي ٻاڻ سان ڪٿن اَچين سونهن وارا،
ساموندي سندر سندر مولي:
پڳڙن ٻيارا، سونهن ۾ نيارا، عجب هيءَ آهن،
عجب هيءَ جولي!

جيه جيه جيه، جڳديش هري!

جُڳ جُڳ تنهنجي جوت جُڳي، جڳ جُڳ تندن
ليلا اُٻاري!
ڪلجڳ ۾ ٻه نغارو تنهنجو، سندر روپ تنهنجو،
تنهنجو گرڌاري!

جيه جيه جيه، جڳديش هري!

اَنڌن لوڪن جا اَءِ ناٿا! ڪَر جوڙ ڪَر چرنن
تنهنجي اَچي ٻيهان:
نوري در جي داسي، درشن لئه پياسي،
تنهنجو گنگا جل شل روز ٻيهان!

جيه جيه جيه، جڳديش هري!

سڀ ماڻهن جو پيغام آسانيءَ دل اندر روشن رهي ۽
اسان جي دلين کي لئون ڪري، نرمل ڪري. پياري
دادا جي اکين ۾ آهي هن دل جي پڪار:-

” پَل پَل پيو ڪولي توکي ڇپر مٺڙو ڇَدو ،
من روز لڪين مون کي اڳ پيار جو پَدو ا
تنهنجي در تي ڪمر هن دل جو وِڪرو،
مَن دل تي اڪرائن اڪو الاهي هڪڙو !“

پُونا ،

١٦ - ١ - ١٩٨٥ آتما واسواڻي

[دادا جو ١٩ مهاپگهه دن]

ڇوري نہ ڇڏجانءِ

رکي در تي ٺوڪر، نہ موڪل ڏجانءِ،
ڏسي ڏوهہ منهنجا، ڪميڻي نہ ڪڍجانءِ!
جهڙي جي تهڙي، آنءُ عيبن هاڻي،
ڇوري ڇڏيءِ ڪي، پيارا! نہ ڇڏجانءِ!
اَهواڙ ميـــڏا جـــي جبلن جيڏا،
وساري رحم ۾ پنهنجي تون رکجانءِ!
مداڀون جي منهنجون ٽيون ماڻهن جي اَکيان،
اَءِ ٻولڻ! تي ٻال، سڀيئي سي ٻڪجانءِ!
ٺوري نماڻي آهہ، اوڪن اڀاري،
اَکو اڪ، منا! تون ڇپن سيين نہ ڇڪجانءِ!

شيام! شمع تون ٻار!

مون گھر ڏيئڙا وسامي ويا،
شيام! شمع تون ٻار!

مون گھر ڪين اُٿيئي، ڪين اُٿيئي،
فقط اِڪ سِتل ستار!

تو بن معاف ڪري ٻيو ڪير؟
جنم جنم کان مان گنھگار!

نه تپ، نه گيان، نه جوڳ، نه ڌيان،
ڪوڙن ٿيندي بارو نبار!

ٻاٽ نه جائون، نه مندر جائون،
پل پل تو لئه اِڪ پڪار!

ليکي ڪجھون نه ڇوڙئي،
مٽن ڪن ڪن پولٽ هار!

ڪرم موري آهه ڪرپا ٿهنجي،
اَٽ تاروءَ ڪي تون تار!

نوري نماڻي ور ور واڳاڻي،
اونده ۾ اَچي پاڻي ٻيڙار!

اِڪ ڦُوَل

پياس آلم ٽو وٽ آچان !
ٻر ٻيمت ڪهڙي آنءَ رکان ؟
اِڪ ڦُوَل دل ڦٽيل جو !

شو نہ ڪولي تال جاڳان ،
ٻوءِ گيمت ٽو لئہ ڪهڙو ڳاٻان؟
اِڪ ڦُوَل دل ڦٽيل جو !

ٽوڏني مسڪين آهيان ،
جونن لي مان ڇا چڙهاٻان ؟
اِڪ ڦُوَل دل ڦٽيل جو !

روز رئاري رحم لنهنجو ،
ڪر ڦبول هي غم منهنجو !
اِڪ ڦُوَل دل ڦٽيل جو !

ٽوري نماڻي پياس ٻاتي ،
منهنجي آرلي هيءَ ڏيهن رالي!
اِڪ ڦُوَل دل ڦٽيل جو !

شرڻ تنهنجي

شرڻ تنهنجي آئم ورتي، آئم ورتي اَءِ دل جا شاهه!
پنهنجي ٻاجهه ۾ اَءِ پيارل، اَچي ڪا ڏي مونکي پناهه!
اَجها پيا سڀ ڇڏي هاڻي، آئم هڪ آسرو تنهنجو!
مدائون معاف ڪر منهنجون، بديون تون بخش گناهه!
دنيا ساري ڌوڪي بازي، ڪيو پرپنهان پاڻ آهه!
ڪري ساڃن مهر مونتي، بدين جو ٻار منهنجو لاهه!
آئم نا ڪجهه اَچي جو تنهنجي چرڻن ۾، رکان پيٽا! رکان پيٽا!
فقط عاجز اکين سڄڻا! سڪايل دل جي سڪ آهه!
مٺڻ آنڌي ڪي ٽيڪ آهي، اَءِ ديالو! تنهنجي ديا!
ڪرم نا ڌرم آڻءُ ڄاڻان، فقط آندر ٻري ٿي ٻاهه!
مسافر مان ٿڪل آهيان، پيو ٻڪان! پيو ٻڪان!
ٻدا تو اَءِ ڪرپما! ڪيئن؟ ٻتائي راهه، ٻتائي واهه؟
تنهنجي در تي تنهنجي داسي، ٽوري نماڻي تو لئه آسي!
تو لئه سڄڻا! سڪندي شال، ڪريان قربان پوڻون پساهه!

مون گهر

مون گهر، مون گهر سهڻا آچن،
تہ نيڻ ٺرن آ! نيڻ نچن!

ٻچليون ٻچليون، آنءَ ٻاريان ٻاريان،
پوءِ سڀن پاڻي، پاڻي پياريان!

سهڪن ٿن جيءَ آنءَ تہ وهان،
ور ور ٿن جا پير ڌوان!

نرمل هار گلي ۾ پايان،
سک سنسار ني گيت ڳايان!

موهن مندر ٿن کي وهاريان،
موتي مالها چرنن چاڙهيان!

ليکهن نهانءِ نيڻن کوڙيان،
حال احوال کي وٺي اوڙيان!

ٿوري نماڻيءَ تي هيءَ ديا کر،
هاڪ ولي ڏي ڪا سهڻن ور!

تنهنجي چرڻ ڪمل

تنهنجي چرڻ ڪمل تي آنءُ چاڪر،
پڀوءَ جي! ڪهڙا ڀيٽ چڙهايان ؟

من ۾ ميل آهي، دل تي داغ،
ڪرم نه، ڌرم نه، ڀوڳ ڪو ڄاڻان!

اڪ ڀڳتي ڀيٽا تو لءِ ڀڳوانا!
پياس سين پيارل! اڪ توکي پڪاريان!

پستڪ پوڄا ڪين پڙهان مان،
دل ڌرم ۾ سچا! اڪ توکي ڌيايان!

پاٺ پوڄائون ڪين سکيس مان،
نوُري نماڻي نيڻن نير وهايان!

ڀڪاري

جهولي جهلي آئم، تو در ڀڳوان!
سڻ تون ڀڪاري، موري رام رحيما!
موٽيو نہ ڪو تنهنجي در تان خالي،
ٿو موٽڪي آنءُ بہ منگتو سوالي!
سڻ تون ڀڪاري موري رام رحيما!

اکين ۾، هٿن ۾، تون ئي ديا ڏي،
دل ۾ داتا ديالو ميا ڏي!
جسم ۾ ڏي ڀڳتي جوش،
اندر ۾ رحم ڀڄڻ جو اوس!
سڻ تون ڀڪاري موري رام رحيما!

من کي نرمل ڪر تون سدا،
نہ دل کي در ڪان رکہ تون جدا!
جهولي جهلي آئم، ٻاهر ڪر:
ڪمل مکڙو ڀڳتيءَ نہ دُور ڪر!
سڻ تون ڀڪاري موري رام رحيما!

اوري نماڻي ٻئي ٿي دعا،
ڏي درد جي ڪا دل کي دوا!
سڻ تون ڀڪاري موري رام رحيما!

رام ٻچڙن تون ٻار

رحم ڪر رام! ٻچڙن تون ٻار،
مهر ڪر رام! پالي پيار!
ڪين مڱان ٻيو ڪجهه تو در،
مهر ڪر مون کي سڪ ستار!
بخشش آسيس تون ڏي مون،
اَندر منهنجي اُڪير اَپار!

وقت وڃي پيو نه وسرو ڪر،
هاڻ ڪر تون مونکي ترت تيار!
سال وڃايم ڪين سڃاتم،
ڏاڍيءَ ڏکڙي ڏي ديدار!
ٽُوڙي نماڻي آئيٽي وڳاڻي،
جوت جڳاءِ ته ٿئي جهنڪار!

اڪ نام

ٻار ٻار ڪرؤن ٻينتي،
موري گهر موهن آءُ!
ٻار ٻار ......

ڌن دولت ڪڇ نا مانگؤن،
اڀيدي ڀڳتي لاءِ!
ٻار ٻار ......

جڳ سارا جُوٺا جُوٺا،
مُجهي ٻولاتم سين ملاءِ!
ٻار ٻار ......

لپٽ جڳت آ! تيز طوفان!
لطف لهر ۾ مون لڪاءِ!
ٻار ٻار ......

جوٺي ڪايا جوٺي مايا،
اڪ نام تُوري سچاءِ!
ٻار ٻار ......

ڏولت جا وڏا ڍول وڄايون!

آيا آهيون ڀري ڀري
ڪان، يار مسافر، هتڙي هتڙي!
ڏولت جا وڏا ڍول وڄايون!

ڏام اسانجو جت جوت ابداسي،
هتڙي ڦروُن ڀيا بيراڳي اداسي:
پيارل جا ڀيا ڀڳت پڄايون!

يادگيريون روز اچن ٿيون،
نيڻهن ستارون روز نچن ٿيون:
دردن جا ڌوُنهان وڏا دکايون!

ڏام اسانجي نا سج چنڊ چمڪي،
محبوبن مکڙو اک اُس مشڪي!
همت ڀره جون ڀاهيون وڏا مچايون!

هتڙي اکين آهي انتظاري،
تصوير تنهنجي آهي نُوري نهاري!
ڦرب جي ڪروُس تي ڪنڌ ڪپايون!

ٻڌگر ٻهاڻيءَ دا

پالڻ نڌگ اي پروردگار!
عيبن هاڻي، آهيان گنهگار!
پالڻ نڌگ اي پروردگار!

تنهنجي در جي آهيان داسي؛
اي سونهن سدا سردار!
پالڻ نڌگ اي پروردگار!

ڀلڪا چوڪا ڇڏج تون راڻا!
در تي ٻهارج خدمتگار!
پالڻ نڌگ اي پروردگار!

راهه اوندهيءَ وچ اي سڄڻا!
کولج نوري کو اسرار!
پالڻ نڌگ اي پروردگار!

معافي

هرگز نہ لائق تنهنجي سنگ جي : هاڻ ڏي تون معافي!
ڏوھ ڏاڍا جنهن جيڏا : ڪر دل کي تون صافي!
ڏي تون معافي!

وڪارن وِيل آ، منهنجو ٻوان ٻوان،
ڪر مهر! ڏي مون، دیا جو دان دان!
ڏي تون معافي!

آ! دک درد دل ۾، تہ روز ٻيٺي وهاريان،
تنهنجي ڪمل مکڙي ڏانهن، ٻيٺي ور ور نهاريان!
ڏي تون معافي!

وقت ور ور ورلاپ ۾، ٿي ڏوري گذاري،
روئي راتيون رحم لئہ ٿي راڻا! توکي پڪاري!
ڏي تون معافي!

ڪڻن اٿيو، آهي طوفان،
ڪر مون تي، ڪو تون احسان:
ٻيڙيءَ وارا! پار اڪار!

ٻُڙي ڇڪو نه لڳي ٿو واءُ،
فضل ڀڄندي، مون بچاءِ!
ٻيڙيءَ وارا!! پار اڪار!

ٻار اڪار

ٻنو لهاري، ٻنو ٻڪاري:
جمنا ڪناري، جمنا ڪناري:

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!
ٻيڙيءَ ۾ ته مون وهار،
ڪر ڪاٻ ڪر ڪا، تون سهار!

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!
ٻڌ آئم، ڪين ڪين،
آهيان ڏين، آنءُ مسڪين!

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!
ندر آهيان، ٻن آڌار؛
ٻڌ منهنجو، تنهنجي نهار!

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!
لهرون لڳن ٿيون، لهرون لڳن ٿيون،
ڇولون ڇلن ٿيون، ڇولون ڇلن ٿيون،

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!
ڏوب ۾ ڪوني، ڪوني تو شيام،
شيام ٻنا، ناهي وشرام!

ٻيڙيءَ وارا! ٻار اڪار!

آجا! آجا!

جمنا نديءَ جي ڪناري،
آهي ڪير جو پيو پڪاري؟
"آجا! آجا! وشرام پاءِ!"

ڪٿي نيڻ اُو، پيو ٿو نهاري:
دلڙيون وڻ-ڳاڻيون، پيو تو ٺاري!
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

نيليءَ پيڙيءَ ۾ آيو ڪير آهي؟
چپن چاڙهي مرلي، وڄ وڄ پيو ڳائي:
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

لهرن چڙهي اُو هٽي آيو آ! ٽير،
اڪ لحظي اندر، اُتاري اڪير!
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

ڪمل مکڙو ڪنهيا جو پيو ٿو مهڪي،
جمنا جي جل ۾ چنڊ پيو ٿو چمڪي!
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

شيام سندر! مون پيڙيءَ چاڙهه،
چرنن وهاري، پار اُڪار!
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

تنهنجي بيما آهي، منهنجي جيون شڪتي،
تو در موڪ ۾ آهي، ٿوري منهنجي مڪتي!
آجا! آجا! وشرام پاءِ!

ڳليِ ڳليِ آئم ڳوليِ

شيام پيارا! نيڻن نيارا!
ڳلي ڳلي آئم تو لاءِ ڳولي!
ڳلي ڳلي ......

لوڪ لڄا سڀ لاهي،
جهلي آئم تہ جهولي جهولي!
ڳلي ڳلي ......

پياس جي پينگهي، وچ دل مندر،
تصوير تنهنجي ڏيان لولي لولي!
ڳلي ڳلي ......

رحمان اچي آ! اندر اندر،
منهنجي غفلت جي ڳنڍ کولي کولي!
ڳلي ڳلي ......

قول ڪيم جي عجبن اڳيان،
سي پاڙيان ٿيان تنهنجي گولي گولي!
ڳلي ڳلي ......

ھُن پار

ندي ءَ جي ھُن پار،
شيام سندر! عجب اسرار!

ٻڌو ٻُسري ٻجائين،
ٻڌو دلڙي رنجهائين!

ھِن پر ٻيٺي آھيان،
ٻيڙا ٻڌان، ٻيٺي نهاريان!

پريتم! تون نہ ڄاڻين،
مان پياسي اَڀاڳڻي!

تري ڪين ڄاڻان،
ھن پار پوءِ ڪيئن اَچان؟

تنھنجي ٻُسري ڪري گھايل،
ٿي وياڪل وچايل!

شيام، تنھنجي درشن ٻنا،
ڪيئن جيئان؟ ٿوري ڪيئن جيئان؟

شُڪر آهي شُڪر!

شڪرانا شاهه اَءِ تنهنجا! شڪر آهي شڪر!
ويگاڙا حال هيِ منهنجا! شڪر آهي شڪر!

نه ٻارن ۾ رهي ٻاري! شڪر آهي شڪر!
وهي ٿي روز بازاري! شڪر آهي شڪر!

دنيا جي دوستي فاني! شڪر آهي شڪر!
مڙگان ٿي رحم روحاني! شڪر آهي شڪر!

واهه واهه جت وهارين تون! شڪر آهي شڪر!
فضل ڏُوري نهارين تون! شڪر آهي شڪر!

الٻيلي

سدا شل سائين! تون چرنن وهارين!
وهاري ڏيئو ٻاجهه جو ٻاڻ ٻارين!
سدا شل وهارين!

تنهنجي مهر جو ٿي، مان ٿر ٿر وسايان:
وطن ساڃو ٻهارو ٻيو ٿر ٿر وسايان:
سدا شل وهارين!

مڙئي مداوون، ڪرين تنهنجون معاف:
ڪري مهر ٿر ٿر، ڪرين دل کي صاف!
سدا شل وهارين!

الٻيلي مان آهيان، منهن توکان موڙيان:
ٻر جهڙي ته ڀڙي، تنهنجي ئي آهيان!
سدا شل وهارين!

ٻيا سڀ تنهنجي، ته آهيان وڳاڻي:
رکين رحم ڀر تون، آ! ٿوري نماڻي!
سدا شل وهارين!

دعا

ڏس درد دل جو تون درشن ڏي:
نہ تہ جيوڻ جو ٿو ڏاڍو ڏکي!
جلدي آ! وئين مڙو ڪسي،
نہ تہ پراڻ پيارا! ٿو ڇڏي!
قارون خزانا خالي ٿين،
پر لطف تنهنجو تہ ڪين کٽي!
جيڏيون، ڪرهو دل سان دعا،
اَچي لهارن دري هٽي!
چون ڪمل پر نُوري وهارن،
تہ فڪر فراق جو قَمت ڇڏي!

ڀڳل دل جي ڀاشا

اُڃي رات اڪڙائون، نيڻ نيون نہ آليون،
وياڪل وياڪلٽيون، نيڻن ۾ نراليون!
خبر ناہ اَوهان کي، ڪنهن لاءِ پُڪارن؛
اَدائون آرياڻيون! ڪٿي ڳوڙها ڳاڙن؟
آڌيءَ رات اوندہ، ڪنهن کي نيون ڳولن؟
ڀڳل دل جي ڀاشا ۾، ڪهڙي ٻولي ٻولن؟
اَدائون آرياڻيون! اَوهان نا ڄاڻو،
محبوب منهنجو، هو ڪهڙو مٺو!
هٿي ليو تن ۾، ڪـڪي هليو ويو:
محبوب منهنجو نہ مونکي هليو ويو!
نہ پيغام ڪوئي، نہ ڪوڙي، آ! پالڊي،
دم دم هيءَ دلڙي، تني ٿي نہ ماندي!
سڄڻ لنهنجي صورت، ڪيو اَٿم فقير،
نوري اَتي ٿي اُونهي نہ اَکيرا!

راڌا راهه ۾

ڳلي ڳلي آءُ گوڪل ۾،
سرندا ساز وڄائيندس!
گهنگهرو پيري پاڪر پيارا!
نيڻهن وچون ٿ نچائيندس!
گهٽيون گهمي ٿي ڦيرياٽي،
مرليون مست مچائيندس!
رو رو راڌا راهه ۾،
نيڻن نير وهائيندس!
ليڪهن نياري تنهنجي ۾،
بدنامي داغ لڳائيندس!
سڪ تنهنجي ۾ ڊوڙي سهٽا،
پنهنجو پاڻ جلائيندس!

ٻنگي

ڳهٽ ڳهٽ ٻيٽو ٻنگي آيو ٻيهي :
جسم جي ٻڌري ٻيو ڳائي آ ! واهي !
وٺنو ڳائي ڳائي :- " جاڳوا پياري، جاڳو!
مالڪ جنم ڪريو اُوهين نہ سياڳو !

موه مايا جو سڀ ترڪ ڪريو ،
اڪ صورت سهڻيءَ جو ڌيان ڌريو !"

سو راڳ ٻڌي وٺي راليان رنان :
اَکڙين ڳوڙهن سين دل کي ڌوئان !

ڪين تو اچهي هاڻي ڪم ڪار :
وچ دل مندر ٻسان اڪ نهار !

اَديون آراڻيون ! وٺي راڳ سڻان :
دم دم دلبر کي دل ۾ ٻسان !

ٻه درشن اَندر ڪٿي آهي داڙي نماڻي:
ٻن درشن تہ تنهنجي ٿوري وڃاڻي !

اَڄي جن جاڳايو

اَڄي جن جاڳايو، ڪاڙي ويا سي وير،
اَڄي ٻهار ٻيڏاريو، ڪٿي سي فقير!

اُٿي رات اڌ ۾، تي تن لاءِ نهاريان،
اکين آب اُڀي، تي تن لاءِ پڪاريان!

هليا ويا، هليا ويا، هٽي ويا جي تير،
نيڻ نيڻ ۾ آهه، تن جي تصوير!

ننڊ نا اَچي تي، اکين ناهه آرام،
تن جوڳين جي چرنن، آهي منهنجو ڌام!

وڃان سانت ٻيٺي، ٻڌان تي ستار،
ٻڌي تن جو آواز، رُئان زارون زار!

نيڻن اڳيان سي نه ور ور ڦرن،
اکين مان ته ڳوڙها ٻه ور ور ڪرن!

ڦران ديس پرديس، ڏُوري نماڻي،
ديدار تن لاءِ وڃان تي ويڳاڻي!

بخش ميڏي تقصير

ٻيڙي منهنجي نه آهي پراڻي،
ٻيهي لڏي سا وچ سير!
بخش ميڏي تقصير!

ڪم نه جاڻان، ڏره نه جاڻان،
ڏس اندر تون اِڪ اڪير!
بخش ميڏي تقصير!

قصور منهنجا ڪي جبلن جيڏا،
پر فراق تنهنجي، ڪيو آهه فقير!
بخش ميڏي تقصير!

نا ڪوئي راڄن آنءُ سڃاڻان،
تون اِڪ منهنجو هاهه امير!
بخش ميڏي تقصير!

روز پڪاريان ساڄن! توکي،
روز وهايان اکيان نير!
بخش ميڏي تقصير!

ڳوڙها منهنجا توکي ڳائن،
آ! مون ۾ لڄ اچي زنجير!
بخش ميڏي تقصير!

معافي ڏي ٻـڪاري نؤري،
هن دل ۾ آئيمي درد جا چير!
بخش ميڏي تقصير!

تيڏا نام سڌاريندا

ڏيکه نه دلبر! ميڏا قصوُرا،
تيڏا نام سڌاريندا!
بخشيند هار ميڏا گناها،
تيڏا رحم نهاريندا!
ڪشتي ٻڏاٽي، ساگر ڀاري،
تيڏا فضل سڌياريندا!
جنم جنم کان پياسي، پياسي،
تيڏا پيار پياريندا!
اَڄ تاروُ آنڌ تري نه ڄاڻان،
تهار تُهار آ! تاريندا!
ڦوٽ ڦوٽ آيه دوار تهاري،
چرڻن نوُري وهاريندا!

مت جائو پياسي!

رام نام کا، لڳا ميلا ميلا،
جڳ سارا سارا، کن کا کيلا!
أرجاه هنس پنڇي أڪيلا:
مت جائو نوري پياسي! پياسي!
ڌام آلک جي آهين ڌارا،
هٽڙي وٺي ڪرڻ وسارا!
أٿ جاڳ! جاڳ! موري پيارا!
مت جائو نوري پياسي! پياسي!
ڪين رکين کا إنتظاري،
ڪين ڪرڻ کا تون تياري!
ڪٿي لٺن جي ٻاري؟
مت جائو نوري پياسي! پياسي!
وهي ڪماء فقيران سنگ،
أتار آندر ۾ أکيران أمنگ!
رُوح لي چاڙهه وهي کو رنگ:
مت جائو نوري پياسي! پياسي!
ڪيون ڀي تون جڳ کا چيلا؟
دک سمورا ٿيا دنيا کا ٻيلا!
مانک جنم کر سهيلا:
مت جائو نوري پياسي! پياسي!

هيءَ گهڙي، هيءَ ويلا

هيءَ گهڙي، آهي هيءَ ويلا،
سمر سمر، سڀ جاءِ اَڪيلا!

هيءَ گهڙي، ڇو وقت وڃائين؟
ڇو نہ جاڳي جاڳي رام ريجهائين؟

هيءَ ڳهڙي آهي ويلا سندر،
ڇو نہ وهين تون وچ دل مندر؟

اَندر اَندر، آهہ چيتن ڌار،
اَندر اَندر، آهہ رُوح ستار!

اَندر اَندر، آهہ شبد جي باڻي،
ٻيمي ٻڪاري تہ نُوري لماڻي!

پرم پتا!

پرم پتا! تون جوت نواسي!
تنهنجي نرمل نام رهان روز پياسي! پرم پتا...

تنهنجو روشن ارج، راڄ اچي،
تنهنجو مهر حڪم، حڪم هلي!
هت سرشٽي سگل ساري،
جيئن اٿ سرڳ ڌام پياري! پرم پتا...

روزي رحم جي ڏي تون آسان کي،
معاف مداٻون ڪر مهر ۾ آسان کي!
شل نه ويچاريون ان جون مداٻون،
جي ڪين آسان سان ڪندا ڇڳاٻون! پرم پتا...

رک نه آسان کي گرفتار گناهن ۾،
ٻو ٻاڪ اچي رک ٻانهن ٻاجھ ٻانهن ۾!
نوري نماڻي راڄ تنهنجو،
تيج تنهنجو هميشه رهي!
تنهنجي پرم شڪتي، پرم جوتي،
جڳ جڳ ۾ هميشه جڳي! پرم پتا...

هرهنڌ تون

منهنجي اکين ۾ به، محبوب! چمڪين تون:
منهنجي چمن ئي، محبوب! مهڪين تون!

منهنجي دل ۾ به آهين، روشن تون، پيارا!
پوءِ ڪٿي پاڻ لڪائين، منهنجي اکين جا تارا؟

هرهنڌ آ! هر مڪان، اڪ تون ئي آهين:
پوءِ ڇو پيو ڇپائين، نوري پاڻ ڇپائين!

ڪر معاف!

ڪر معاف تون منهنجون مدائون،
ڪيم سي سڀ پيار ۾!
اونده منجهان آڇي تون اُتار،
اک مهر پنهنجي نهار ۾!
جيون جون لهرون ٿيون لڳن،
ساگر سندي سنسار ۾:
جي وساريم تن، ته ياد ڪيم،
سڪ سندي ستار ۾!
سيني اندر توکي سانڍيم،
جيون جي جيت هار ۾:
جهاز منهنجو ته پيو هلي،
سڄڻا! تنهنجي سڪسار ۾!
قصور منهنجا ٿيا ڪيترا،
پيار جي وهنوار ۾:
اوري ٿيءُ نه ويڳاڻي،
ڏس دل جي ئي دلدار ۾!

سڪ سوز سڏڪا

سڪ سوز سڏڪا، منهنجو ڪيس آهه،
اکين آب جي، ٽوڪي ٻرٿٽ آهه!

ڏينهن جي ڪم ڪار، ٽون وٺين ڪين وسري،
ڳر ڳر لڪائي، ڪوليم دري!

دل ۾ پڪاريم:- "اچهو ٽو اچين:
اچي ڪنج ڪٽيا، ٽو نيڻهن ۾ نچين!"

واه ڏينهن گذري، آهيان واڳاڻي:
ڪري ڪير آباد، هيءَ زندگاني؟

حسن وارو مکڙو، شل پل پل پسان،
شمع نور نوري، ڏسي ٿوءِ حيران!

گوالڻ جو گيت

ٻوٻان گهاگهر گُون جي گوالڻ تي!
ستگرو صاحب وڏو سڏي،
مدگان مهر گُون جي، سوالڻ تي!
ٻوٻان گهاگهر گُون جي گوالڻ تي!

ٻماسي دليون تہ ٻيئوں ٻڪارين،
ٻيٺاريان ٻائي گون جو، ٻيالڻ تي!
ٻوٻان گهاگهر گُون جي گوالڻ تي!

راليان جاڳي نهاريان، نهاري ٻڪاريان،
اڪ نام گُون جو، سهاڳڻ تي!
ٻوٻان گهاگهر گُون جي گوالڻ تي!

ڪٽي نوري نمائي، سڪ جي ستاري،
ڳايان راڳ گُون جو، رَٻاٻڻ تي!
ٻوٻان گهاگهر گُون جي گوالڻ تي!

اءِ ساقي سونهن وارا

هٿ ڏي هٿن ۾، اکين سين نهار،
ڀري پيار پيالي، اَڄ مون پِيار!
اءِ ساقي سونهن وارا!

رکي اُتم نه تولئه، ٻره جي هيءَ پِيڙا،
اَڄ آڄ تون آ! ونان رحم رِيڙا:
اءِ ساقي سونهن وارا!

سڄو ڏينهن تولئه، تاهيم هيءَ مالها،
ڏسڻ هاڻ تولئه، نيڻ ٿيا آهن آلا!
اءِ ساقي سونهن وارا!

وڃي ڏينهن ٻيو گذري، رات ٿي اچي،
نيڻ ليڪ تولئه، تو نيڻهن ۾ نچي!
اءِ ساقي سونهن وارا!

اچي ننڊ ٿي ڪين، اکين ۾ اوجاڳو،
اچي رات جو ڪر هيءُ روحرو سياڳو!
اءِ ساقي سونهن وارا!

اچي رات اڄ تون، چوڻن وهار،
لُڙي لهاري، آ! روحرو رڻار!
اءِ ساقي سونهن وارا!

فراق

فڪر اَٿم اَندر ۾ لڳو اَٿم فراق:
ڪڏهن اَڱڻ ايندين، ڪٿي قدم پاڪ؟
فڪر اَٿم ...

نياپي تنهنجي لئه، ڪانگل نهاريان،
اَچي ڪونه قاصد، ٻيٺي پڪاريان!
فڪر اَٿم ...

منهنجو ڏوهه ڪهڙو، جو نيند نه آوي؟
ننڊ اَٿئي سهاڳي، جي چرڻ تنهنجا پاوي!
فڪر اَٿم ...

ڪڏهن سڄڻ ايندين، تون ٻيٺي پکن ۾؟
ٻيو قرب ڪوني، اَچ تون ڪکن ۾!
فڪر اَٿم ...

اَچي چئو نه آڏيءَ، ننڊر ڪي نهاريان:
اوڪن لڪائي، چرڻن وهاريان!
فڪر اَٿم ...

سڪ سيج تي آڻي، اَچ ڪيئن سمهان؟
غم درد دل جي ۾ ٻيٺي گهمان!
فڪر اَٿم ...

اَچ منڙو وياڪل، آهيان آئيءَ ويڳاڻي:
تنهنجي گولي ٻانهي، آهي نوڙي نماڻي!
فڪر اَٿم ...

وڏو تنهنجو ڀاڳي

وڏو تنهنجو ڀاڳي،
منهنجي ٻيڙي نماڻي!

اَٿم صدق سائين!
تون رکپال آهين!

تڪا تيز اُڇن ٿا،
اُڇي ٻيڙيءَ لڳن ٿا!

ته به تون هلائين:
ٻُوڙيندڙ بچائين:

نه جوکو، نه لوڏو،
آهين تون ته اوڏو!

آسيس گهوران ٿي:
چرنن نمان ٿي!

وڏو تنهنجو ڏهار:
وڏو تنهنجو پيار!

نڌر کي سنڀارج:
رحم ۾ نهارج!

ڪر آس پُوري:
ٿيان تنهنجي تُوري!

جنماشٽمي

اَڄ رات گوپيون ۽ گڏجي اَچوا آ! جمنا ڪناري!
لهرن لطف ۾ اُڀي پـال، نند لعل وڃو نهاري!
مٿان ننڊ ڪريو اَڄ رات، آڻيو اکڙيون ۽ آليون،
جمنا ڪناري ۽ ٻرُ ٻرُ ٻيٺو ري! ٻولم ٻيالون!
اَڄ رات ڪالي، نينهن ۾ نرالي، سمجهه لڳ ۽ ناهي؛
آيو ٻالڪ، جمنا جي جل ۾، ۽ جڳديش آهي!
اَڄ رات جمنا سڀاڳي سموري، ۽ سڄڻن ۾ سُهڻي:
اَڄ رات اوندهه ۾ مٿڙا جي مُرلي ٻڌي!
اَوهين اَڄ نهاريو ۽ کهڙيو نظارو، ٻيو لهرن لڳي:
وسڻو جي اُڀي ڪاهن لي، قرب ۾ ٻيو پيارو ڪُلدي!
گڏ گڏ ٿين ٿيون، اُمنگ ۾ اُٿن ٿيون، ڏسي پيارو شيام؛
اوندهه ۾ لهرون، سڪ ۾ ۽ سهڻيون، اُٿي ڪن ٿيون پرنام!
لهرن جو هي لعل، اَڄ رات ٺوري، ٿي ور ور نهاري؛
نهاري نهاري، ٿي ڳوڙها ڇـ، جمنا ۾ ڳاڙي!

وڄن ٿيون ٽُوٽاريون

آج سڀي اَچن ٿا،
ڦرشتا نچن ٿا:
آءُ آءُ اَوتاري!

وڄن ٿيون ٽُوٽاريون،
اَسين پيا نهاريون:
آءُ آءُ اَوتاري!

سيارِي ۾ مهڪن،
پيا پهپ چمڪن:
آءُ آءُ اَوتاري!

پکين ۾ نئون راڳ،
آئي دل سجاڳ:
آءُ آءُ اَوتاري!

مٺن ٿِي تو ڏيکا،
آج پڇن ڪي ورڪا:
آءُ آءُ اَوتاري!

سڀاڳِي ٿِي نُوري:
تـي آس پُوري:
آءُ آءُ اَوتاري!

نندلالا

آج پڌاريا پريتم نندلالا،
پريم ڀڳتي پاليا پريم والا!
شيام سندر آج آيا آيا!

آج پنهنجا آ! ڪنول آيا،
باغ بهاري آ! ونڪل آيا!
شيام سندر آج آيا آيا!

آج چمن چمڪي گلزاري،
جون چڙهائون ڦُولن هاري!
شيام سندر آج آيا آيا!

ڪيڏي ڪيڏي ڪمل نرالي،
لصوار لبادي جهونس والي!
شيام سندر آج آيا آيا!

جالب جلوه دکايا،
آج نوري نُور الاهي سمايا!
شيام سندر آج آيا آيا!

هي سِرِ شيام مٿان صدقو

لوڪ چوَن آهيان ٻوري ٻوري:
ڪين ڇڏيندا هيءَ ڇوري ڇوري!
آهه لطف تنهنجي جي اوري لوري!

هي سِرِ شيام مٿان صدقو!

روئي رڳيندس، رت سين چولي:
تنهنجي در جي آهيان گولي!
تو بن ڪاڻ ٻي ڪا ٻولي:

هي سِرِ شيام مٿان صدقو!

آسمان ۾ چمڪن پيا تارا تارا:
پيا چمڪن چمڪن ڪڪر ڪارا!
تن کي رات ڏيئي نهارا!

هي سِرِ شيام مٿان صدقو!

تعب نه نيڻن ۾ آهي:
روُهرو جاڳي توکي ڏيائي!
ڪڏهن اَچي توکي ٻاڳي ٻائي؟

هي سِرِ شيام مٿان صدقو!

هتڙا نوُري اَتم آ! خالي:
من مسڪين، تون جڳ والي!
ڪر نوُري دل هيءَ منهنجي ٻيالي:

هي سِرِ شيام مٿان صدقو!

در ڪي داسي

تيري ڪمل چرن ميري متُرا ڪاشي :
تيري نام نڌان اَلکھ اَبناسي !

ڪيا ڪرون مندر، ڪيا ڪرون مالها ؟
مئن تو موهن ! تيري جنم پياسي !

ڪيا ڪرون ڪانا، ڪيا ڪرون پينا ؟
دم دم ديالو ! مئن تيري آسي !

ڪيا ڪرون دنيا ڪي مال خزانا ؟
چاهتا هون اِڪ رحم ڪي راسي !

نُوري نماڻي عشق اداسي :
هردم سمجهنا ! تيري در ڪي مئن داسي :

ٻرندابن والي

مينهن وسن، ٻجليون ٻرقن،
ٻرندابن والي آئو آئو!

ليڪن طوفان تکا، ٻُراٽا ڦُڪا،
ٻيهي ٻوئتم آڱڻ ۾ آئو آئو!

چنڊ تارا، ڪڪر ڪارا،
رام رتن مٿن پائو پائو؛

آيا مينگهه موچارا، نينهن ۾ نيارا،
ٿيو منهنجو جم سجائو سجائو!

طوُفان لڳا، سيءَ ۾ سَنياسين،
مهر ۾ ستگر ديپ جڳائو جڳائو؛

وڏ وڏ مکڙو موهن جو چمڪي،
نوُري ستگر ٻاڻ ٻڌارئو ٻڌارئو!

گرو ڀڳتي

پنهنجو پاڻ ته مون وساريو،
مايا کي مون وڏي ڀاريو!

لهو مايا جي آئـي آئي:
جڳ جوڙي جي ته ڪيم ڪمائي!

هو سڄڻ مون کي ٻيڙيءَ چاڙهيو،
ٽار منجهان اَچي مون کي ٽاريو!

گُرو ڀڳتي سا ئـ آهي ٻيڙي:
چڙهه تون ڦوري، ڪر نا ديري!

ڪئسي ڪرُون؟

ڪئسي ڪرُون موري ڪنهيا! تيري پُوجا؟
پريم بنا نا پوڄڪ ڪو دُوجا!
نا ڪوئي پوٿي، نا ڪوئي پستڪ جانُون،
پريم بنا نا ڪو گرنٿ پڇانُون!
نا ڪوئي باجا، نا ڪوئي ستارا،
اِڪ تيري طلب هه، تن ڪا تنبُورا!
واس نه ڪوئي، نا ڪوئي ڌُوپا،
ڌيان ڌرُون اِڪ رُوپ اَنُوپا!
ٿُوري نماڻي نا ڪوئي ڀيٽا،
درويشان در ڪي راکون رِيتا!

دين ديالو

دين ديالو ! سد ڪرپالو ! ڪر مون اِڪ اَحسان !
سنت جنان جو تن مون کي ، ڪر تون ئي دان!

اِڪ ديا ، جا سڀ ۾ اِڪ ڀسي ،
ٻي نه غرابي ، وچ من وَسي !
ٿيون روز رهي تنهنجو ياد رحم ،
چوئون دل ۾ رهي ڳوندر غم !

ڀڄون سڀ رڳو تون منهنجو پاڪ ،
ڇهون ڏي ديا جي در جي خاڪ !
سنتون مون کي ڏي سنتن شيوا ،
آئون ٿهان ڪري ونان مهر جا ميوا !

نا ٿيون ٿوري نماڻي رَس هري نام ،
ڏهون ڏهاڙي رڳ مون جوڻي ڏام !

ديواني

دلبر! درد تنهنجي، ڪئي دل ديواني؛
تنهنجي صورت ٻر تيڙس مستاني!

تنهنجو طلب جو، ڪٿي پيئي قِران،
ٻولن جي ٿي پياس ۾، منڙو تڙپان!

در در ڀائي پياس، ٿي ٿواهه رُلان؛
پڇان پيئي پيئي:- "ڪٿهن ملان؟"

شهرن ۾ ملڪن، ملي نـا نشاني؛
تَن ۾ ۽ مَن ۾، آتـم ٻهانـي!

آئي نوري آهـي، لهرون لتاڙي؛
حبيبن اَچڻ لئه، وٺي نهاري!

اٿ ! جاڳ ! وڻجارا!

اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !
ڪوڙا سڳل پسارا !
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

ڪهڙو وڻنو ڪوڙن واپار ؟
ڏوڙ ڪمائين ، ڪوڙهه وسار !
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

مايا مڃيل پاڙ مُڃهائين :
ڪين تو ڪڏهن رام رجهائين :
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

وسارين وطن اَمر ڪوٽ ،
ٿي سجاڳ ، هاڻي موٽ :
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

ويسو جو ڪوڙن واپار ،
ڪنا ڪوڙن لون ڪوڙ پندار :
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

تو ري وڻجاري وڻي پڪاري ،
رهم م ڏُهرو ڏُاري :
اٿ ! جاڳ ! وڻجارا !

برندابن واسي

هيري جهڙا جنم اَمولڪ، هٿ نه آوي ٻياري!
رام رٽن تون ليهه، مت ڀاڳو ٻياسا ڙجي!

وچ بزار اَڄ سنتن جي ڪو، کُلي آهي
سڪ وارن کي موتين جي مالا ملي آهي!

غفلت ڇوڙ، چڱ غير گماني، اَڇي ڳول تون ٻولم گلي
ڳالهه ٻجهي مون نه ڪنهن سان ڪـــونه سلي

گوڪل هتڙي، متڙا هتڙي، هتڙي تيرٿ ڪاشي
ناهي ٻري ٻارل لوُري، هتڙي آهي برندابن واسي!

ٻالڪ ۾ ڳولي ڏس تون ٻالڪ

ٻالڪ ۾ ڳولي ڏسُ تون ٻالڪ،
آندر ٻولي ڪير ٻچالڪ!
ٻالڪ ۾ ......

هٿ هٿ ڇو پيو پيارا ٻڌڪين؟
اکين ۾ ڇو عيش ۾ اٽڪين؟
ٻالڪ ۾ ......

ڪير تون آهين سچالڪ، اَءِ هنسا!
ڪٿان تون آهين، ڪهڙي ديسا؟
ٻالڪ ۾ ......

هت آهين پيارا، تون ڪهڙي ڪناري؟
اکيان کول ڏس ڪير نهاري؟
ٻالڪ ۾ ......

ڏام آلڪ جا ٻَڌو تون کول:
رام نام آ! ڏوري ٻول!
ٻالڪ ۾ ......

گناهن جي ڳٺڙي

گناهن جي ڳٺڙي، تون منهنجي جلاءِ،
سچا سائين! منهنجي، ٻيڙي ۾ تون آءُ!
وچ سير آهي، ٻوڏي هيءَ ٻيڙي،
سچا سائين منهنجا! ڪر ڪين ديري!
وڃايا سال گذري، ڪيم ڪين تياري:
ٻو سنگت تنهنجي ٻن، نه ٻي ڪا پياري!
هلان پٺيءَ حاڪم! ڪناري ڪناري،
اڪ رحم تنهنجي ڏي، نهاري نهاري!
ڪيم ڏوه ڏاڍا، آهيان آءٌ گنهگار،
ته به پيارا! هٿن ۾، آهي سڀ جي سنڀار!
ڏکيون جي سنگ ۾، مون کي روز پاڙهه:
منزل نه منزل، مون کي روز چاڙهه!
اکيون تنهنجي رحم نه ننڊ ۾ ستيون،
اڙي ٻي پيون چمڪن، بندر جون بتيون!

جيون جو ڏاڳو

جاڳو! جاڳو! موري پياري جاڳو!
سنڌن ڇولن ٻڌو جيون ڏاڳو!
ننڊ ننهي ۾ کهڙي آهيو؟
آهه اوهان ته وطن وساريو!
لڙهي وڃو پيا کهڙيءَ لهر ۾؟
ڇو نه اچي وهو ٿا مهر ۾؟
آليون اکيون ۾ ڪريو ڇو نه اکيون؟
پر ننڊ ڇڏڻ سي نه ڪين سکيون!
ڏاڍو ڪال ڪيو ملڪ آهي ساري
ڪوڙا جهانا، هي سگل پيارو!
ڏرلپ ڏيهي، ڪريو سفر سڄايو،
واسر ۾ وڃنا وقت وڃايو!
سمند جنان کي در آئو آئو،
ڇون ڪمل ڏوڙ لڳن لڳايو!
سنڌ جنان ٻاجهه پيڙيءَ چاڙهن،
وهاري وهاري، مهر نهارن!
اوُري نماڻي نه پياس پڪاري،
سمند جنان ان پيو ڪير تاري؟

صورت

اول سائينءَ صورت پنهنجي ،
ٻي سڀ صورت ٻوءِ پيارا !
اَول سائينءَ ......

گهوٽ ٿي تنهنجي گهر ۾ آئو ،
اَکڙيان کول ڪر ڏيک ديدارا !
اَول سائينءَ ......

آڳڻ ولهي ٿيو توکي تهاري ،
ڪيهس تهارين چنڊ ۽ تارا !
اَول سائينءَ ......

لال پٽار تي ولدو ٻڪاري ،
ڏس نينهن آتس نيڻ نيارا !
اَول سائينءَ ......

ٻي ٻي نام نشي ۾ چڙهه ٿون ،
ٻوءِ ڪدل کپائي ڏس اسرارا !
اَول سائينءَ ......

ٽوري نماڻي موج ٿون ماڻين ،
تنهنجي سيني اَندر وڃن نغارا !
اَول سائينءَ ......

اِڪ ڪٽو ڪِريا جو ڪافي

"آهيان آنءَ ڪهڙو؟" پڇيو مون ڪان ڇو، اَءِ پيارا؟
"در جو خادم!" "اَوهين ڪير؟" "نينهن ۾ نيارا!"
ڪوليو آسيس جا ڏتارا:
اِڪ ڪٽو ڪريا جو ڪافي!

گهٽيءَ آنءَ گهميو آهيان آ! گرجا، مسجد ۽ مندر:
ائي اِڪ پياس آهو آهيان؛ آتر جهاڳيا سِنڌوُ سمندر:
ڪريان دلدار دل اَندر:
اِڪ ڪٽو ڪريا جو ڪافي!

ڪي مذهب ۾ آهيان مان، نه ڪائي ذات پياٽان مان!
دُنيا ۽ دِين جا ڌنڌا، ڀئي نوُڙي وساريان مان!
ضل تنهنجو نهاريان آنءَ:
اِڪ ڪٽو ڪريا جو ڪافي!

کول دسمي دئار

ديا ڪر، اَچي کول، دَسمي دُئار:
کولي کولي پنهنجي مندر ۾ وهار!
سرت کي، اَءِ ساجن! شبد ۾ تون چاڙهه:
چاڙهي چاڙهي چاڙهي اکر اِڪ سيڪار!
سنتن سماگم، وتــون رحم روُحاني!
هِت ڪال چڪر ۾، سڀ ڪُجهه آهه فاني!
سنتن سماگم، اَسان ڪــي للڪار:
سڦل جنم ٿئي، ڪري هي ديدار!
فاني هي سڀ ڪجهه، هيءَ ڪنچن ڪايا،
فاني هيءُ منڊل، موهني هيءَ مايا!
اَءِ جادوُ گر! اَچي لڳائين ڪــو جادوُ:
قدمن ۾ ٿوُري ڪرين تون تــه قابوُ!

ٻانڌ ڳچيءَ ۾ ٻايان

آنءُ ڪولي توُن ساجن سائين،
ٻانڌ ڳچيءَ ۾ ٻاهان پايان!

ڏوب جي ڪوٺيءَ ۾ ويهي ويهي،
اڪ صوُرت تنهنجي ڌيان ڌيايان!

گليءَ گليءَ ۾ ڦرندي ڦرندي،
وات تنهنجي آنءُ ٻڇايان ٻڇايان!

ٻڪي اُڏامي پا ٻشب اُڇامي،
اڪ تنهنجو نام ٿي ڳايان ڳايان!

رات اَچي نيڻ نيڻ نچي،
تصوير تنهنجي لڳن لڳايان!

منهنجن ٻکن اڪ وار اَچين توُن،
زنده جوت، جوت جڳايان!

مينهن جي مند ته موٽي آئي،
ولني درد جا دوُنهان دکايان!

ڏوُري آب اکين ۾ آڻي،
جاڳي جاڳي مڇ مچايان!

وچ ويران

پياس پرڀوجي! تيري چرنا پائون،
پل پل پريتم! پَل جائون جائون!
ڦِرت ڦِرت چڪر سنسار،
مئن تو ڀکاري: مانگون مهر نِهار!

نا ڪوئي ڪَرما، نا ڪوئي ڌَرما،
پائون پريما، پنج ورنا!
ورنا چار تو ڪُٽ آڌِيا،
ڦوٽ نهاري، مجهه ڪَر دِيا!

شوڳه نه چاهون، نا ڪوئي شڪتي:
سِدي نه مانگون، نا ڪوئي مُڪتي!
اِڪ يه تمنا، سب ڇوڙي چنتا،
تيري پريم سدا هوُن پاڳل ونا!

وچ ويران مئن هوُن اَڪيلا:
نين نوُري ڪول! دهڪه سهتن مِيلا!

مت جائو ڙي پياسا!

سک ساگر ۾ آکي،
مت جائو ڙي پياسا، پياري!
اب سک نرمل سوئي پاوي،
جو من کي ماري، ماري!
مت جائو ڙي پياسا!

اٿ جاڳ پياري! جب نام سوپلا،
پي پي پياري! يه امرت ويلا!
مت جائو ڙي پياسا!

غفلت ڇوڙ، ديک سنتن ميلا،
جگ سين جاوت، اِڪ اِڪ اڪيلا!
مت جائو ڙي پياسا!

روز ٻهت هه امرت ڌارا،
ٻولت ٽوري سگل سنسارا!
مت جائو ڙي پياسا!

قبول ڪندين ڪڏهن ؟

روئي روئي رات گذاريم،
ٻاڪ ٻڌين لئه وڃي ٻڪاريم!
قبول سهڻا! ڪندين ڪڏهن ؟

ٻاهيون ٻره جون وڃي سي ٻاريم،
تن ڪٺي تولئه نهاريم!
قبول سهڻا! ڪندين ڪڏهن ؟

چمن ۾ تولئه چاهه سو چاڙهيم،
دل ۾ تنهنجو ڌيان سوا ڌاريم:
قبول سهڻا! ڪندين ڪڏهن ؟

ڏوري نماڻي نينهن نيو وهايم:
ليڪن سڄڻان هنجون هاريم!
قبول سهڻا! ڪندين ڪڏهن ؟

مندي مندي

ميري آهيان مُورک آهيان، ٻي مک آهيان مندي مندي،
موري قصورا نہ گھڻيري، آهيان گناهن ۾ گندي گندي!

ڏوه ڪيا اَلم ڏاڍا ڏاڍا، جنم جنم جا اَٿم وڪار،
ٻاٻين ۾ مهاٻاٻي آهيان، گناهن ۾ آهيان گرفتار!

جنم جنم جا ليپ لڳل، سي گنگا جل سان ڪين لهن،
ڏوه منهنجا، منهنجون ڏنگايون،
ڏنگہ دنيا جا سي ڪٿن وڃن؟

تو ٻن ساجن سائين منهنجا، ڪير ٻيو جا معاف ڪري؟
دل جا، من جا داغ اُونها، تو ٻن ڪير ٿي صاف ڪري؟

دل ٿي، دل ٿي ٻار اَٿم، سو تو ٻن ٻيو آ! ڪير لاهي؟
آهيان اَڪيلي، آهيان مئلي، تو ٻن ڏُوري منهنجو ناهي!

ٽوڊر آزي

ٽوڊر سڄڻا! آهه آزي آزي،
تيءَ نماڻيءَ تي راضي راضي!
اوکو پنڌ پهاڙن بازي،
پر سمجهي ڪير هيءَ سازي سازي؟
ڪرم ڪتيب ۾ آئم وسار،
اَوگڻ منهنجا نا ويچار!
لطف سين لنگهائين پار،
هيءَ جڳ سارو آهه ڦندي ڦاسي!
هن جڳ جهنگل ۾ جوڳي جهڙي پيا،
هن دنيا دؤر ۾ دانا ڪري پيا!
پير فقير سوين سي مڙي پيا،
مهر بنان تن هاري بازي!
تنهنجي سنگ بنا،
تنهنجي رنگ بنا،
مهر اُمنگ بنا،
ڪيا ڪرُون تيرٿ ڪاشي؟
سوگهو جهل مون سپاجهل سائين!
ڇو نه تُو مون تي مهر رنگ لڳائين!
رڻ پٽ ۾ منهنجو هڪ تون ئي آهين،
دنيا ٿوري آهي ڏوکي بازي!

فقيرياڻي

ڪري احسان اچ مونتي، سڄڻ مون گهر گهڙي آءُ:
مدا! مايوس دل اندر، اچي پنهنجو روح تو لاءُ!
سياڳي ٿيس فقيرياڻي!

فضل پنهنجي ڪري مون صاف، مدا! تو راز سمجهاءُ:
ڪٿي دل شاد ٿو دلبر! عجب چمڪو اندر آءُ!
سياڳي ٿيس فقيرياڻي!

سرور دل جي ۾ هاڻي، ڪمل گل ڪٿن پيو چمڪي:
رهين لمعه ياد پيو پيارا، ڪمل مکڙو نوري چمڪي!
سياڳي ٿيس فقيرياڻي!

ٻيڙيءَ وارا

لطف ۾ پار لنگهائج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!
مهر نظر سين ئي نهارج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

ٻيڙي تنهنجي آهي ٻاجهه جي،
نڌر نماڻي نه وسارج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

پتڻ آئم ڪين ڪي،
مهر ۾ مون کي وهارج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

دهشت آهه درياهه جي،
ٻاجهه ٻانهن ۾ چاڙهج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

تکيون لهرون تيز لڳن ٿيون،
اوڳڻ تون نه ويچارج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

ڪڪر ڪارا، طوفان تکيڙا،
ٻيڙج تون ٻالج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

ٻڌ ڪري ٻيٺي تڪجي آهيان،
رحم جو ٻاڻي ٻيڙارج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

نوُري نماڻيءَ اک آسرو تنهنجو،
ٻوُ ر بندر پهچائج! راڻا، ٻيڙيءَ وارا!

صورت جو سردار !

اَڳڻ اَسان جي اَڄ اَچي ٿو :
ڪِشن صوُرت جو سردار ٿِي ٿو :
چندن چرڻ چاڙهيان !

مٺڪ اَکڙين ۾، ڪريان ديدار :
شيام جا وار نه گهنڊيدار !
چندن چرڻ چاڙهيان !

صبوح ۽ شام، پرڀات ۽ رات،
اِڪ تنهنجي، تنهنجي وائي وات !
چندن چرڻ چاڙهيان !

جاڳي جاڳي اِڪ ٿو نهاريان،
رامَ ! رامَ ! اِڪ ٿو پڪاريان :
چندن چرڻ چاڙهيان !

هن گُليءَ اَڪيليءَ تنهنجو جادوُ آهي :
مست ڪري : تنهنجي مرلي ڪاهي :
چندن چرڻ چاڙهيان !

لاهوتي رنگ اَچي روُح رچاءِ !
اَچي تُو رِيءَ ڪي اُون نِر ۾ ناءِ !
چندن چرڻ چاڙهيان !

گھايل

هي باغ بہ تنهنجو، تون مالهي لاثاني،
هي پُشپ بہ تنهنجا، مان بلبل ديواني!

اَچي وڻ تي وهان، آ! وڃي نهاريان:
پُشپ نهاري، تنهنجو راڳـ چاڙهيان!

چمن جي سونهن ۾ ٻيو ڪير چمڪي؟
مکڙين جـي موج، ٻيو ڪير مهڪي؟

هيءَ بلبل تہ بلڪل اَليٽي پُلهان:
وساري ٻاڻ تـي آهـي مستان!

